# عبادت جو ذوق
# ڪيئن حاصل ٿئي

22-March-2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# عبادت جو ذوق ڪيئن حاصل ٿئي

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ اللّٰہ     وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ اللّٰہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ     وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ اللّٰہ

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن ﺑﻪ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي ﺑﻪ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت ﺑﻪ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورنبي رحمت،شفيعِ اُمّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان آهي: قِيامت جي

ڏينهن اللهعَزَّوَجَلَّ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانو نہ هوندي، ٿي (3) شَخص الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا. (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو. (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ١٣١حديث: ٣٦٦ )

اپنے خطا واروں کو اپنے ہی دامن میں لو!

کون کرے یہ بھلا، تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُواالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي

سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نماز سان محبت ڪندڙ ٻار

سلِسلهٔ عاليه، قادريه، رضويه جي عظيم بُزرگ حضرت سيدُنا معروف ڪَرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ هڪ شخص حاضر ٿي عرض ڪيو: مون هن رات عجيب شيءَ ڏٺي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائون: ڇا ڏٺو؟ عرض ڪيائين: منهنجي گهر وارن کي مٺي ڪائڻ جي خواهش ٿي، مان بازار ويس ۽ مٺي خريد ڪيم، هڪ مزدور ٻار کي گڏ ورتو ته هو مٺي کڻي گهر تائين مون سان گڏ هلي. پوءِ هو مون سان گڏ هلڻ لڳو، واٽ ۾ جڏهن ان ظهر جي اَذان ٻُڌي ته مون کي چيائين: اي سائين! ڇا اوهان نماز نه پڙهندؤ؟ جڻ اوچتو ان مون کي غفلت مان بيدار ڪيو هجي، مون چيو: ها! ها! ڇو نه! ضرور پڙهنداسين ان مٺي وارو ٿانوَ مسجد جي دروازي تي رکيائين ۽ مسجد ۾ داخل ٿي ويو، مون پنهنجي دل ۾ چيو: هن ٻار ٿانوءَ کي نماز تي قُربان ڪيو ته ڇا مان مٺي قربان نٿو ڪري سگهان. هو نماز پڙهندو رهيو ايستائين جو اِقامت چئي وئي ۽ اسان جماعت سان نماز پڙهي. جڏهن ٻاهر نڪتاسين ته ٿانوء پنهنجي هنڌ موجود هو. مون گهر اچي اهو واقعو گهر وارن کي ٻڌايو ته گهروارا چوڻ لڳا: هن ٻار کي اسان سان گڏ مٺي ڪائڻ جي دعوت ڏيو، جڏهن مون ان کي دعوت ڏني ته ان چيائين: مان روزي سان آهيان. مون ان کي چيو: پوءِ توهان اسان وٽ روزو افطار ڪريو. ان چيائين: مون کي اوهان جي دعوت قبول آهي، اوهان مون کي مسجد جو رستو ڏيکاري ڇڏيو. مون ان کي رستو ڏيکاريو ته

هو مسجد ۾ روجي ويهي رهيو جڏهن اسان مغرب جي نماز ادا ڪئي ته مون ان کي چيو: هاڻ اسان جي گهر هلو ان جواب ڏنائين: عشاء جي نماز پڙهي هلنداسين عشاء جي نماز پڙهڻ کان پوءِ ان کي مان پنهنجي گهر وٺي آيس جنهن ۾ ٽي ڪمرا هئا: هڪ منهنجو ۽ منهنجي گهرواريءَ جو هو، ٻئي ۾ اسان جي 20 سال کان معذور(Excusable) نياڻي هئي ۽ ٽيئن ۾ اسان جو مهمان هو، رات جي آخري حصي ۾ اوچتو ڪنهن در کڙڪايو مون پڇا ڪئي: ڪير آهي؟ ته آواز آيو: مان اوهان جي فلاڻي نياڻي آهيان؟ مون چيومانس: اها ته 20 سالن کان معذور آهي ۽ گهر ۾ پيل گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي اها ڪيئن چڱي ڀلي ٿي هلي سگهي ٿي؟ اهو ٻڌي اها چوڻ لڳي: مان اوهان جي اها ئي نياڻي آهيان، اوهان در ته کوليو، جڏهن مون دروازو کولي ڏٺو ته اها بلڪل صحيح بيٺل هئي اسان ان کان پڇيو: اسان کي ٻڌاءِ تون ڪيئن شِفاياب ٿئين؟ ته ان ٻڌايو ته مون اوهان کي ان مهمان جو ڀلائي سان ذِڪر ڪندي ٻڌو ته منهنجي دل ۾ اها ڳالهه آئي ته مان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ان جو وسيلو پيش ڪريان ته هو منهنجي تڪليف پري ڪندو، ته پوءِ مون عرض ڪيو: يا الله! تنهنجي بارگاهه ۾اسان جي هن مهمان جي عظمت جو صدقو! منهنجي تڪليف ختم فرماءِ ۽ مون کي عافيت عطا فرماءِ . اها دعا ڪندي ئي مان سڌو بيهي رهيس،جيئن اوهان مون کي ڏسي رهيا آهيو. اها ڳالهه ٻڌي مان پنهنجي مهمان ڏانهن ويس ته گهر ۾ نه هو دروازي وٽ آيس ته اهو به بند ڏٺو، اهو ٻڌڻ کان پوءِ حضرت سيدُنا معروف ڪرخي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن ارشاد فرمايو: ها! واقعي اَولياء ڪرام رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهِم اجمعين ۾ ننڍا وڏا سڀئي هوندا آهن.

( الروض الفائق ، با ب في مناقب الصالحين،ص ١٠٩ ملخصا)

عبادت میں گزرے مری زِندگانی کرم ہو کرم یا خدا یا اِلٰہی

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان جتي اهو معلوم ٿيو ته نيڪ ماڻهن جي وسيلي سان گهريون ويندڙ دُعائون قبول ٿينديون آهن اتي ان ڳالهه جو به معلوم ٿيو ته اڳي جي مسلمانن ۾ نماز جو ذوق ۽عِبادت جو شوق به معلوم ٿيو ته ان پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي نماز کي ترجيح ڏني ۽ اَذان ٻڌي نه صرف پاڻ نماز جي لاءِ مسجد ۾ ويو بلڪ ان شخص کي به نماز جي دعوت ڏئي پاڻ سان گڏ مسجد وٺي ويو. افسوس صد افسوس! جيئن جيئن اسان زمانهٔ رِسالت کان پري ٿيندا پيا وڃون نمازن جي معاملي ۾ اسان جون سُستيون مُسلسل وڌنديون پيون وڃن، اڄ اسان جي ڪنن ۾ به اَذان جو آواز ايندو آهي پر اسان پنهنجي ڪم ڪار جي مصروفيتن يا رڳو سُستي (Laziness) جي ڪري نماز ئي قضا ڪري وٺندا آهيون جڏهن ته گُناه ڪرڻ جي لاءِ اسان جي سُستي هڪدم چُستي ۾ بدلجي ويندي آهي. ڪي ماڻهو ته اهڙا به آهن جو جڏهن انهن جون هڪ يا ڪجهه نمازون رهجي وينديون آهن ته ڪيئي ڪيئي مهينن تائين ڄاڻي واڻي نماز نٿا پڙهن، جيڪڏهن ڪو دين جو درد رکندڙ اسلامي ڀاءُ اُنهن تي انفرادي ڪوشش ڪندي نمازن جي ترغيب ڏياري ته چوندا آهن "اِنْ شَآءَ الله عَزَّ وَجَلَّ ايندڙ جمعي کان ٻيهر نمازون پڙهڻ شُروع ڪندس يا رَمضان کان باقاعدي نمازن جو اهتمام ڪندس" ائين ڪنهن قِسم جي شرم ۽ جِهجڪ جي بِغير وڏي دليري سان مَعَاذَ الله عَزَّ وَجَلَّ هن ڳالهه جو جڻ ته اِقرار ڪيو ويندو آهي ته نمازون تَرڪ ڪرڻ جو اهو ڪبيره گُناه، مان جُمُعي جي ڏينهن تائين يا رمضانُ المبارڪ تائين مُسلسل جاري رکندس. شايد اهو ئي سبب آهي جو اڄ گهرن ۾ اتفاق ناهي، روز روز جهيڙا

جهڙا عام جام آهن، هر هڪ رِزق ۾ بي برڪتي جي ڪري پريشان آهي، والدين نافرمان اولاد جي سبب بيزار آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪريو! اسان سان ائين ڇو ٿي رهيو آهي؟ اسان ڇو انهن پريشانين جا شِڪار ٿيندا پيا وڃون؟ شايد ان جو سبب هي آهي ته اڄ اسان الله پاڪ ۽ ان جي رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ رات ڏينهن انهن جي نافرماني وارن ڪمن ۾ مشغول آهيون. جيڪڏهن اسان پاڻ نمازن کان پري رهنداسين ۽ پنهنجن ٻارن کي به نماز جي ترغيب نه ڏيارينداسين ته ياد رکو! ايندڙ ڏينهن ۾ اسان کي ساڳين پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. ڪنهن چوٽ ڪندي ڪيترو بهترين چيو آهي ته

جو کچھ ہیں وہ سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتُوت　　شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت کا گِلہ ہے
دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت　　سچ ہے کہ بُرے کام کا اَنجام بُرا ہے

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي اسان جي گهرن ۾ پريشانين، بيمارين، لڙائي جهڳڙن ۽ تنگدستين جي گهٽائي آهي ان جو سبب الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَحڪامن جي خلاف ورزي به ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري زندگي کي غنيمت (Plunder) سمجهندي سچي توبه ڪريو ۽ نمازن جي پابندي شُروع ڪري ڇڏيو نه ته ياد رکو! ڄاڻي واڻي نماز قَضا ڪرڻ گناهه ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي. جيئن ه الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 16، سُورَه مَريم جي آيت نمبر59 ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوۃَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوۡفَ يَلۡقَوۡنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾

(پ١٦،سوره مريم:٥٩)

**ترجمو ڪنز الايمان:** پوءِ انهن جي پٺيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا عنقريب پوءِ اهي دوزخ غيّ جو جهنگ ڏسندا.

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آيتِ مبارڪ ۾ ”غيّ “ جو تذڪرو آهي ۽ ان مان مراد جهنم جي هڪ وادي آهي. صَدرُ الشَّرِيعَہ بَدرُ الطَّرِيقَہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اَعظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: ”غَيّ“ جهنم جي هڪ وادي آهي جنهن جي گرمي ۽ اونهائي سڀ کان وڌيڪ آهي، ان ۾ هڪ کوهه آهي جنهن جو نالو ”هَب هَب“ آهي، جڏهن جهنم جي باهه وسامڻ تي ايندي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کوهه کي کولي ڇڏيندو آهي جنهن سان اها (جهنم جي باهه) بدستور ڀڙڪڻ لڳندي آهي. الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائيندو آهي: ﴿كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ سَعِيْرًا ۝﴾ **ترجمو ڪنزالايمان:** جڏهن به وسامڻ لڳو ته اسان ان کي اڃان وڌيڪ ڀڙڪائينداسي. (پ١٥، بني اسرآئيل:٩٧) هي کوهه بي نمازين ۽ زانين ۽ شرابين ۽ وياج خورن ۽ ماءُ پيءُ کي ايذاء ڏيڻ وارن جي لاءِ آهي- (بهارِ شريعت،ج١،ص٤٣٤)

اِلٰہی ہوں بہت کمزور بندہ نہ دُنیا میں نہ عُقبٰی میں سزا ہو

## جَهنَم جو عذاب ۽ دُنيا جون تڪليفون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوفِ خُدا سان ڏکي وڃو ۽ سچي پڪي توبه ڪري وٺو. ٿورو تصور ڪريو جڏهن ان خطرناڪ وادي ۾ بي نمازي کي وڌو ويندو ته ان جو ڇا ٿيندو. تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي ته اسان فرضن جي پابندي سان گڏوگڏ نفلي عبادت جو شُوق به پيدا ڪريون. پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪريون ۽ تهجد، اشراق ۽ چاشت ۽ اَوابين جا نفل به ادا ڪريون، هر سال رمضان جا روزا رکون ۽ دوران سال نفلي روزن جو به اهتمام ڪريون، مالڪ نصاب هئڻ جي صورت ۾ زڪوٰة جي ادائيگي سان گڏوگڏ بين نيڪ ڪمن ۾ به پنهنجو مال خرچ (Expense) ڪرڻ جي عادت بڻايون. روزانو تلاوتِ قرآن، ذڪر ۽ دُرُود جو معمول بڻايون. گڏوگڏ پنهنجي دُشمن شيطان

لعين ڪان بہ هوشيار رهون ڇوتہ جڏهن هو اسان کي ڏينهن رات انهن عبادتن ۾ مشغول ڏسندو تہ ان راهہ تان هٽائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو، سُستي ڏياريندو ۽ اسان کي غافل ڪرڻ جي لاءِ مختلف حيلا بهانا بہ ڪندو پر اسان کي ثابت قدم رهندي پنهنجي عبادت تي ناز ڪرڻ بدران مرڻ گهڙي تائين عبادت تي اِستقامت جي دُعا ڪرڻي پوندي. اسان جي ربّ ڪريم اسان کي آخري وقت تائين عبادت ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي:۔

وَ اعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ۠ (۹۹)

**ترجموڪنز الايمان**: ۽ پنهنجي رب جِي عبادت ڪندو رهہ مرڻ جي گهڙي اچڻ تائِين.

(پ۱۴، حِجر۹۹)

## ڪو بانهو عبادت ڪان بي نياز نٿو ٿي سگهي:

بيان ڪيل آيتِ سڳوري تحت تفسيرصراطُ الجنان ۾ آهي تہ بانهو چاهي ڪيترو ئي وڏو ولي بڻجي وڃي اهو عبادات ڪان بي نياز نٿو ٿي سگهي. جڏهن سيّدالمرسَلينصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي آخري پساهہ تائين عبادت ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو،تہ اسان ڪهڙي شمار۾آهيون. ان مان انهن ماڻهن کي نصيحت حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪي پنهنجو پاڻ کي تمام وڏي مقام ۽ مرتبي تي فائز سمجهي عبادت جي معاملي ۾ سُستي ڪندا آهن، انهن کي غور ڪرڻ کپي تہ ڪٿي اهي شيطان جي خُفيہ ۽ خطرناڪ وار جو شڪار تہ نہ بڻجي ويا ڇوتہ شيطان اهڙن وارن جي ذريعي وڏن وڏن مشائخن کي گمراهہ ڪيو آهي ۽ انهيءَ وار جي ذريعي ان وَلين جي سردار، حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبدُالقادِر جيلانيرَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي بہ ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي،

## هي سڀ منهنجي رب جو فضل آهي

حضرت شيخ ابونصرموسيٰ بن شيخ عبدُالقادِر جيلانيرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا

تہ منهنجي والد ارشاد فرمايو: مان هڪ سفر ۾ ريگستان ڏانهن ويس ۽ ڪجھ ڏينهن اتي ترسيس، پر اتي مون کي پاڻي نہ ملندو هو، جڏهن مون کي اُڃ جي سختي محسوس ٿي تہ هڪ بادل(Cloud) مون تي ڇانو ڪئي ۽ ان مان مون تي برسات جهڙي هڪ شيءِ ڪِري، مان ان سان ڍاپجي ويس، پوءِ مون هڪ نُور ڏٺو جنهن سان آسمان جو ڪنارو روشن ٿي ويو ۽ هڪ شڪل ظاهر ٿي جنهن مان مون هڪ آواز ٻڌو: اي عبدُالقادِر! مان تنهنجو رَبّ آهيان ۽ مون توهان تي حرام شيون حلال ڪيون آهن، تہ مون ”اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيم“ پڙهي چيو: اي شيطان لعين! پري ڀڄ . تہ روشن ڪنارو اونداهي ۾ بدلجي ويو ۽ اها شڪل دونهو بڻجي وئي، پوءِ ان مون کي چيو : اي عبدُالقادِر! تون مون کان پنهنجي عِلم، پنهنجي رَبّ جي حڪم جي ذريعي نجات ماڻي ۽ مون اهڙي طرح 70 مشائخن کي گمراھ ڪيو. مون چيو: اهو صرف منهنجي رَبّ جو فضل ۽ احسان آهي، شيخ ابُونصر موسيٰ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اوهان کان پڇيو ويو، اوهان ڪيئن سڃاتو تہ هي شيطان آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: ان جي هن ڳالھ سبب تہ بيشڪ مون تنهنجي واسطي حرام شين کي حلال ڪيو آهي.

(بهجة الاسرار، ذکر شي من اجوبته ممّا يدلّ ـــ الخ، ص، ٢٢٨)(تفسيرِصراط الجنان ،پ١٤الحجر تحت الآية ٩٩، ٢٤٤/٥)

شہا نفسِ امّارہ مغلوب ہو اب ہو شیطان کا دُور شر غوثِ اَعظم

## جنن ۽ انسانن جي پيدائش جو اصل مقصد:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ شيطان ڪهڙي نموني الله ڪريم جي نيڪ ٻانهن کي گمراھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پر اسان جو ڇا ٿيندو؟ هڪ تہ اسان عبادت ڪريون نٿا ۽ جيڪڏهن ڪو نيڪ عمل ڪري بہ وٺون تہ ان تي پاڻ پڏائيندا آهيون ۽ جيستائين چار ماڻهن اڳيان پنهنجي نيڪ نامي

جو اظهار نہ ڪريون ايستائين چين ناهي ايندو ۽ ٻين کان بهتر تصور ڪندي پاڻ کي نيڪ پرهيزگار سمجهڻ لڳندا آهيون. ياد رکو! شيطان هزارين سال عبادت ڪئي ۽ **مُعَلِّمُ المَلَڪوت يعني ملائڪن جو اُستاد** (Teacher) بہ رهيو، پر صرف تڪبُّر ۽ حڪمِ الٰهي جي نافرماني جي ڪري ان جي سالن جون عِبادتون بي ڪار ۽ هزارين سالن جو رِياضتون ضايع ٿي ويون، ذلّت ۽ رُسوائي ان جو مُقدّر بڻجي، هميشہ هميشہ جي لاءِ لعنت جو طُوق ان جي ڳلي ۾ پئجي ويو ۽ هو ايمان جي دولت وڃائي هميشہ جي لاءِ عذابِ نار جو حقدار بڻجي ويو. هاءِ! اسان تہ خبر ناهي ڏينهن ۾ ڪيتري ڀيرا پنهنجي رَبّ جون نافرمانيون ڪريون ٿا، سڄو ڏينهن گناهن جو سلسلو جاري رهندو آهي، نفلي عبادت تہ ڇا فرض عبادت تائين بہ نٽا ڪريون جڏهن تہ اسان جي پيدائش جو مَقصد ئي رَبّ ڪريم جي عبادت ڪرڻ آهي جيئين تہ سيپارو 27 سُورَة الذّٰرِيٰت آيت نمبر 56 ۾ ارشادِ باري آهي .

وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ﴿۵۶﴾
(پ۲۷، الذّرِيٰت:۵۶)

**ترجموڪنزُالايمان:** ۽ مان جِن انسان فقط انهيءَ لاءِ پيدا ڪيا جو منهنجي بندگي ڪن

اهڙي طرح سيپارو 29 سُورَةُالْمُلْڪ آيت نمبر 2 ۾ هن مَقصد کي ائين بيان ڪيو ويو آهي :

الَّذِیْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَ الْحَیٰوةَ لِیَبْلُوَكُمْ اَیُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ (پ:۲۹، المُلڪ:۲)

**ترجموڪنزُالايمان:** اهو جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو تہ جيئن توهان جو امتحان ٿئي تہ توهان مان ڪنهن جا ڪم وڌيڪ بهتر آهن.

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل ٻنهي آيت سڳورين ۾ انساني پيدائش جي اصل مَقصد کي بيان ڪيو ويو آهي. هن مقصد ۾ ڪاميابي جي لاءِ اِنسان کي هن دنيا ۾ نهايت مُختصر وَقت جي لاءِ موڪليو ويو آهي ۽ انهيءَ وقت ۾ ان

ڪي قبر ۽ حشر جي وڏن مُعاملن جي لاءِ تياري ڪرڻي پوندي، تنهنڪري هن وقت کي غنيمت سمجهندي قبر ۽ حشر جي تياري ۾ مشغول ٿي وڃو ۽ زندگي جو ڪو به لمحو فُضوليات ۾ برباد ڪرڻ بدران عبادت ۽ رياضت، قرآنِ پاڪ جي تلاوت، ذِڪرودُرود جي ڪثرت ۽ نيڪي جي دعوت ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريو ڇوته اسان کي معلوم نه آهي ته ايندڙ گھڙي اسان زنده به رهنداسين يا موت هميشه جي لاءِ اسان کي گهري ننڊ سمهاريندو.

اچو! غفلت کان بيدار ٿيڻ جي لاءِ رحمتِ عالم، نُورِمجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نصيحت آموز فرمانِ عاليشان پڙهو: جيئن اِرشاد فرمايائون : اِغْتَنِمْ خَمساً قَبْلَ خَمسٍ ‘‘ پنجن شين کي پنجن شين کان پهريون غنيمت ڄاڻو!(1)شَبَابَك قَبْلَ هرَمِك، جواني کي پوڙهائپ کان پهريان. (2)وَصِحَّتَك قَبْلَ سَقَمِك، صحت کي بيماري کان پهريان (3)وَغِنَاك قَبْلَ فَقْرِك، مالداري کي تنگدستي کان پهريان.(4) وَفَرَاغَك قَبْلَ شُغْلِك، واندڪائيءَ کي مصروفيّت کان پهريان (5) وَحَياتَك قَبْلَ مَوْتِك ۽ زندگي کي موت کان پهريان. (اَلْمُسْتدْرک ،کتاب الرقاق،۵ /۴۳۵ ،حديث: ۷۹۱۶ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي به پنهنجي زندگي جي اصل مقصد کي ذِهن نشين رکندي صحت مند جسم ۽ جواني کي ڪنهن بيماري معذوري يا پوڙهائپ کان پهريان غنيمت سمجهندي نيڪين جو ذِخيرو گڏ ڪرڻ گهرجي. اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄي سڄي رات عبادتِ الٰهي ۾ مصروف رهندا هئا ۽ گهڻي قيام جي ڪري سندن قدم مبارڪ سُڄي ويندا هئا. حضرت سَيدَتُنا عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نماز ۾ ايتري قدر قيام ڪندا هئا جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مُبارڪ پير سُڄي پوندا هئا. (هڪ ڏينهن) حضرت عائشه صِدّيقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا

عَرض ڪيو: يارسولَ الله! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اوهان ائين ڪري رهيا آهيو جڏهن تہ الله ڪريم اوهان جي سبب اوهان جي اڳوڻن ۽ پوئين جا گناه بخشي ڇڏيا آهن! حضور پُرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشادفرمايو ”اي عائشہ! (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) اَفَلَا اَكُوْنُ عَبْدًا شَكُوْرًا ڇا مان الله پاڪ جو شڪر گذار ٻانهو نہ بڻجان.“

( مسلم، كتاب صفة القيامة والجنة والنار، باب اكثار الاعمال والاجتهاد في العبادة، ص١١٤٨، الحديث:٧١٢٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ايتري قدر عبادت ۽ رِياضت ڪندا هئا جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مبارڪ قدم سُڄي پوندا هئا پوءِ بہ عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. هڪ اسان آهيون جو سڄو ڏينهن ڪم ڪار ۾ مصروف رهون ٿا ۽ ان دوران جيتريون نمازون اچن ٿيون ان جي ادائيگي ڪان غافل رهون ٿا ۽ رات جو ٿڪاوٽ جو بهانو ڪري نمازِ عشاء پڙهڻ بغير غفلت جي ننڊ سمهي پوندا آهيون، واپار ۽ ملازمت تي وڃڻ جي لاءِ تہ رات جو ئي الارم سيٽ ڪري ونندا آهيون تہ جيئن ليٽ نہ ٿي وڃون پر افسوس! نمازِ فجر جماعت سان پڙهڻ جي لاءِ اهڙي ڪوشش چو نٿا ڪريون. ياد رکو! اسان مسلمان آهيون ۽ مسلمان تي سڄي ڏينهن ۾ پنج وقت جي نماز فرض آهي ۽ نماز ڇڏڻ وارو گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار ٿيندو. اسان کي تہ پنج نمازون سفر هجي يا گهر، سردي هجي يا گرمي، خوشي هجي يا غمي هر حال ۾ ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪوشش ڪري پنهنجي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري سنت تي عمل ڪندي پنهنجي ننڊ جي قُرباني ڏئي رات ۾ بہ ڪجھ نہ ڪجھ عبادت جو معمول بنائڻ گهرجي تہ جيئن الله ڪريم جي نيڪ ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃون چوتہ رات جي وقت عبادت ڪرڻ الله ڪريم جي نيڪ ٻانهن جي تمام پياري صفت آهي جنهن کي ربّ ڪريم سيپاري

19سُوْرَۃُالْفُرْقان جي آيت نمبر 64 ۾ اهڙي نموني بيان فرمايو آهي :

| | | |
|---|---|---|
| وَالَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّ قِيَامًا ٥ (پ١٩، الفرقان:٦٤) | | **ترجمو ڪنزالايمان**:۽ جيڪي رات گذاريندا آهن پنهنجي رب جي واسطي سجدي ۽ قيام ۾ |

اهڙي طرح سيپارو 21سُوْرَۃُالسَّجدَہ جي آيت نمبر 16 ۾ اِرشاد آهي:

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّ طَمَعًا ۙ وَّ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿١٦﴾

(پ٢١، السجدہ١٦)

**ترجمو ڪنزالايمان**: انهن جا پاسا جدا هوندا آهن سمهڻ جي جاين کان، ۽ پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن ڊڄندي ۽ اميد ڪندي، ۽ اسان جي ڏني مان ڪجهه خيرات ڪندا آهن.

اهڙي طرح سيپاري 26 سُوْرَۃُالذّٰرِيات آيت نمبر 17 ۽ 18 ۾ اِرشاد آهي:

كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ﴿١٧﴾ وَ بِالْاَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿١٨﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: اهي رات ۾ ٿورو سمهندا هئا. ۽ پوئين رات بخشش گهرندا هئا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آيت سڳورين ۾ الله ڪريم جي نيڪ ٻانهن جي عبادت واري شوق کي بيان ڪيو ويو آهي ته جڏهن ماڻهو سمهي رهندا آهن ته اهي نيڪ هستيون پنهنجي رَبّ جي عبادت ۾ مشغول ٿي وينديون آهن. ياد رهي اَولياءِ ڪرام به ڏينهن ۾حلال ڪمائڻ جي لاءِ واپار (Trade) ڪندا هئا، پنهنجن ٻارن ٻچن جي تربيت به ڪندا هئا جڏهن سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ کان پوءِ رات جي ننڊ هر هڪ کي پياري هوندي آهي پر اهي حضرات سمهڻ بدران پنهنجي رَبّ کي راضي ڪندا هئا ۽ توبه ۽ اِستغفار ڪندا هئا جيڪڏهن بشري تقاضي سبب ننڊ ايندي هئي ته مختلف طريقن سان ننڊ اڏائي وري عبادت ۾ مصروف ٿي ويندا هئا، جيئن ته

## ننڊ اڏائڻ جو نرالو انداز!

حضرتِ سَيدنا شيخ شِبليرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: رِياضت جي شروعات ۾ جڏهن مون کي ننڊ ايندي هئي تہ مان اکين ۾ لوڻ جي سرائي لڳائيندو هئس، جڏهن ننڊ گهڻو تنگ ڪندي هئي تہ مان گرم سرائي اکين ۾ لڳائيندو هئس. حضرتِ ابراهيم بن حاڪم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي والدِ محترم کي جڏهن ننڊ اچڻ لڳندي هئي تہ هو دريا ۾ لهي ويندا هئا ۽ الله جي تسبيح ڪرڻ لڳندا هئا جنهن کي ٻڌي دريا جون مڇيون گڏ ٿي ويندِيون هيون ۽ اهي بہ تسبيح ڪرڻ لڳنديون هيون. حضرتِ سَيدنا وهب بن مُنبہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي ننڊ اُڏائڻ جي لاءِ دُعا گهري تہ الله پاڪ ان جي دُعا قبول فرمائي ۽ انهن کي چاليهہ سالن تائين ننڊ نہ آئي . (مکاشفة القلوب،ص۳۸)

اچو! هاڻي رات ۾ عبادت ۽ رِياضت بابت بُزرگانِ دين جا ڪجهہ واقعا ٻڌو ۽ پنهنجي اندر عبادت جو شوق پيدا ڪريو. جيئن تہ

## عاجزي هجي تہ اهڙي!

حضرت سيدُنا حبيب نجاررَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سڄي رات عبادت ڪندا هئا ۽ سڄو ڏينهن روزو رکندا هئا ۽ افطار جي لاءِ جيڪو کاڌو حاضر ڪيو ويندو هو اهو بين کي ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ سڄي رات الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ بکايل ئي قيام ۾ گذاريندا ها. جڏهن صبح ٿيڻ لڳندي هئي تہ عاجزي ۽ انکساري سان بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندا هئا: مان غفلت جي سمنڊن ۾ ٻڏل رهيس ۽ گناهن جي ميدانن ۾ هلندو رهيس. ياالٰهي! هي تنهنجو ذليل، گُنهگار ۽ بيمار ٻانهو تنهنجي ڪرم جي دروازي تي حاضر آهي ۽ توکان پناهہ (Protection) جو طلب گار آهي. ( الروض الفائق،باب في النزيه و ذکرالصالحين،ص ٢٣٦ ملخصا)

## بغير چراغ جي گھر روشن رهندو هو!

اِمام محمدبن سِيرين رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ڀيڻ حضرت حَفصہ بن سيرين رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہا بصره ۾ هڪ انتهائي عبادت گزار خاتون هيون، پاڻ سڄي رات نماز پڙهندي گذاريندي هيون ۽ نماز ۾ اڌ قرآنِ پاڪ تلاوت ڪنديون هيون. ڪڏهن تہ پنهنجي نماز پڙهڻ واري هنڌ تي ايتري دير نماز ۾ بيٺل رهنديون هيون جو سندن چَراغ وسامي ويندو هو، پر اوهان لاءِ صُبح تائين (چراغ جي روشني جي بغير) گهر روشن رهندو هو. (صراط الجنان،۷/۵۳)

## اي نفس تون ڪيترو سمهندين ؟

حضرتِ رَابعہ بصريہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہا جي پنهنجي وفات تائين سندن جي اها عادت رهي تہ پاڻ سڄي رات نماز پڙهنديون هيون ۽ جڏهن فجر جو وقت قريب ٿيندو هو تہ ڪجھ دير جي لاءِ سمهي پونديون هيون، پوءِ بيدار ٿي چونديون هيون: اي نفس! تون ڪيترو سمهندين ۽ ڪيترو جاڳندين، جلد ئي تون اهڙي ننڊ سمهي پوندي جو ان کان پوءِ قيامت جي صبح جو ئي بيدار ٿيندي. (روح البيان، الفرقان، تحت الآية: ۶۴، ۶/۲۴۲)

جاگنا ہے جاگ لے اَفلاک کے سائے تلے
حشر تک سوتا رہے گا خاک کے سائے تلے

## رات ۾ عبادت ڪرڻ جا فائدا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بُزرگانِ دين جي واقعن کي ٻڌي اسان جي دل ۾ بہ رَبِّ ڪريم جي عبادت جو شُوق پيدا ٿيو هوندو تنهنڪري اسان کي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ نمازِ عشاء باجماعت پڙهي ڪجھ دير آرام (Rest) ڪرڻ کان بعد سستي اڏائي رات جي وقت ڪجھ نہ ڪجھ عبادت ۽ تلاوت جو

معمول ٻڌايون ٿا. چوته رات ۾ عبادت ڪرڻ جا وڏا فائدا آهن. اچو! تفسيرِ صراطُ الجِنان جي روشني ۾ ان جا ڪجھ فائدا ٻڌون ٿا.

ياد رهي ته جيڪا عبادت جنهن وقت ڪرڻ فرض آهي ان کي ان وقت ئي ڪيو ويندو، البت نفلي عبادت رات ۾ ڪرڻ ڏينهن جي مُقابلي ۾ وڌيڪ فائديمند آهي، (1) ان وقت قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ سمجھڻ ۾ وڌيڪ دِل جَمعي حاصل ٿيندي آهي چوته ان وقت گوڙ شور ناهي هوندو بلڪ سڪون ۽ اطمينان هوندو آهي جيڪو دِل جَمعي حاصل ٿيڻ جو تمام وڏو ذريعو آهي. (2) ان وقت عبادت ڪرڻ ۾ ڪامل اخلاص نصيب ٿيندو آهي ۽ عبادت ۾ رِياڪاري، شهرت ۽ نمائش ۽ ڏيکاءُ ناهي هوندو چوته عام طور تي ان وقت ماڻھو بيدار نه هوندا آهن جنهن جي ڪري رِياڪاري جو موقعو ناهي هوندو.

(صراط الجنان ۵۲/۷،ملتقطاً)

عبادت میں گزرے مری زِندگانی کرم ہو کرم یاخُدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان جي عملي حالت تمام گھڻي خراب ٿيندي پئي وڃي اسان دنيوي لحاظ کان هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون مثال طور ڪنهن جو عاليشان بنگلو ڏسي ان جهڙو ناهڻ جي خواهش ڪريون ٿا، ڪنهن کي بهترين ڪپڙو پاتل ڏٺو ته اهڙو پائڻ جي خواهش ڪريون ٿا، ڪنهن جي نئي ڪار يا ڪامياب ڪاروبار(Business) ڏسي وات ۾ پاڻي ڀرجي ايندو آهي . اسان دنيوي مال ۽ دولت جي مَحَبَّت جا اهڙا حريص بڻجي چڪا آهيون جو ڏينهن رات ان جي حُصول جي لاءِ آهون ڀريندي ۽ ڪوششون ڪندي ٿورو به ٿڪجندا نه آهيون. چا ڪڏهن ڪنهن کي نيڪيون

ڪندي ڏسي اسان جي اندر ۾ نيڪ بڻجڻ جي خواهش پيدا ٿي؟ ڇا ڪنهن کي مسجد ڏانهن ويندو ڏسي اسان کي ۾ پنجئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻ جو جذبو بيدار ٿيو؟ ڪنهن کي سُنّت مُطابق لباس پاتل، چهري تي ڏاڙهي شريف ۽ مٿي تي عمامو شريف سجائي ڏسي ڪڏهن مدني حُليو اپنائڻ جو جذبو بيدار ٿيو؟ ڪنهن کي مَدَني درس، مدني دُوري، هفتيوار اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شريڪ ٿيندي ڏسي اسان کي ۾ عِلمِ دين سکڻ جو شوق پيدا ٿيو؟ اي ڪاش! ٻين کي نيڪ ڪمن ۾ مشغول ڏسي اسان جي اندر ۾ نيڪ بڻجڻ جو جذبو بيدار ٿي وڃي. جهڙي طرح دنيوي مُعاملن ۾ اسان دنيا دارن کي آئيڊيل بڻائيندا آهيون جيڪڏهن دِيني معاملي ۾ بُزرگانِ دين کي پنهنجو آئيڊيل بڻائي هلون ته اسان جي دنيوي بهتري سان گڏوگڏ اِنْ شَآءَ الله الْعَزِيز آخرت ۾ نجات جو سبب به بڻجي ويندو .

## رات جي عبادت بخشرائي ڇڏيو!

حضرت سَيدنا قَبِيصَه بن عُقبَہرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته مون حضرت سَيدنا سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي سندن اِنتقال کان بعد خواب ۾ ڏسي پڇا ڪئي: **مَا فَعلَ اللهُ بِڪ** . يعني الله ڪريم اوهان سان ڪهڙو مُعاملو فرمايو؟ ته اُنهن جواب ڏنو ته مون پنهنجي ربّ ڪريم جو ديدار ڪيو ته الله ڪريم مون کي فرمايو: اي ابنِ سعيد! توکي مُبارڪ هجي، مان توسان راضي آهيان، ڇو ته جڏهن رات ٿي ويندي هئي ته تون لڙڪ ۽ رقتِ قلبي سان منهنجي عبادت ڪندو هئين، جَنّت تنهنجي اڳيان آهي جيڪو محل وڻي چاهيو وٺو ۽ تون منهنجي زيارت ڪندو رهه، ڇو ته مان توکان پري نه آهيان.

(حلية الاولياء، سفيان الثوري ، ٧/٧٧)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار مدني مذاڪرو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَحڪامن مطابق زندگي گذارڻ، نماز، روزي ۽ نفلي عبادتن جي پابندي ڪرڻ ۽ بُزرگانِ دين جي سيرت تي عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار مدني مذاڪرو“ به آهي. هن مدني ڪم جا بيشُمار ديني ۽ دُنيوي فائدا آهن، ❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذِهن ملي ٿو.❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان علمِ دِين حاصل ٿيندو آهي.❖ مدني مذاڪري جي برڪت سان دِيني معلومات(Islamic Information) سان گڏ اَخلاقي تربيت به نصيب ٿيندي آهي . اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ! هن مدني ڪم جي برڪت سان بيشُمار ماڻهو گناهن واري زندگي ڇڏي نيڪيون ڪرڻ وارا بڻجي ويا. اچو! تَرغِيب طور هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ پابندي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ جي نِيت ڪريو. جيئن ته

### گناهن کان توبه ڪري ورتي!

واه ڪينٽ (پنجاب،پاڪستان) جو اسلامي ڀاءُ معاشري جي ڪوڙ نوجوانن جيان ڪوڙ اَخلاقي بُرائين ۾ مبُتلا هو. فلمون ڊراما ڏسڻ، ،راند روند ۾ وَقت برباد ڪرڻ، موبائل فون ۽ انٽرنيٽ ۾ وقت برباد ڪرڻ ان جو پسنديده شوق هو. هڪ ڏينهن گهر ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي سَعادت نصيب ٿي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني مذاڪرو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي برڪت سان ان کي ڪافي سڪون مليو ۽ ان اڳوڻن سيني گُناهن کان توبه ڪري فرض ۽

واجب جو عامِل بڻجڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي شريف سجائي ورتي ۽ مدني حُليو بہ اَپنائي ورتو آهي، ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جو وڏيڪ ڪرم هي ٿيو جو والِدَين خوشي سان ''وقفِ مدينہ''(دعوتِ اسلامي جي ڪمن لاءِ پيش) ڪري ڇڏيو آهي.

مدنی چینل کی مہم ہے نفس وشیطاں کے خلاف    جو بھی دیکھے گا کریگا اِنْ شَآءَاللہ عَزَّ وَجَلَّ اِعتراف
نفسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زور دار    کہ ندامت کے سبب ہوگا گنہگار اشکبار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عبادت جو ذوق پيدا ڪرڻ جا ڪجهہ طريقا!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان عبادت ۾ رغبت (شوق) جي لاءِ عبادت جون فضيلتون ۽ بُزرگانِ دين جا واقعات ٻڌي رهيا هئاسين تہ انهن جا ڏينهن رات عبادت ۾ گذرندا هئا. اڄوڪي دؤر ۾ اسان جي اڪثريت عبادت کان پري ۽ گناهن ۾ مشغول ٿيندي پئي وڃي. اسان غور ڪريون تہ آخر اهي ڪهڙا سبب آهن جنهن جي نحوست اسان کي عبادت کان پري ڪندي پئي وڃي. جيڪڏهن عبادت ڪيون بہ ٿا تہ ان ۾ بہ خشوع ۽ خضوع حاصل ناهي ٿيندو، عبادت ۾ دل ناهي لڳندو، ياد رکو! عبادت کان دوري جا ڪيئي سبب آهن جن ۾ مبتلا ٿي اسان پنهنجي زندگي جي اصل مقصد کي بہ وساري ويٺا آهيون، ان ۾ مصروف رهڻ سان نہ تہ ڪوئي دنياوي فائدو حاصل ٿيندو آهي ۽ نہ ئي اهي سبب اسان جي آخرت جي لاءِ فائديمند ٿيندا. اچو! هاڻي عبادت ۾ لذت ۽ اِستقامت حاصل نہ ٿيڻ جي سببن ۽ انهن جي علاج جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## (1) عبادت جو ذوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ دعا ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت جو وڏيڪ شوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ بارگاهہ

الٰهي ۾ دعا ڪريو ڇوته اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ به عبادت تي مدد حاصل ڪرڻ جي لاءِ هن طرح دعا گهرندا هئا: ’’اَللّٰهمَّ اَعِنِّي عَلٰى ذِكرِكَ وَشُكرِكَ وَحُسْنِ عِبَادَتِكَ‘‘ اي الله ڪريم! تو پنهنجي ذِڪر، پنهنجي شڪر ۽ پنهنجي عبادت چڱي نموني ڪرڻ تي منهنجي مدد فرماءِ.

(مصنف ابن ابي شيبه، كتاب الدعاء، امر النبي صلي اللّٰه عليه وسلم عمر بن الخطاب ان يدعوا به، ۱۳۴/۷، الحديث: ۲)

## (2) دنيا جي محبت دل مان ڪڍي ڇڏيو!

شوقِ عبادت کان دُوري جو هڪ سبب مال جي گهڻي مَحَبَّت ۽ هر وقت مال ۽ دولت ڪمائڻ جي ڌُن ۾ مصروف رهڻ آهي جنهن جي ڪري اسان حُقوقُ العِباد ۽ حُقُوْقُ الله کان غافل ٿيندا پيا وڃون. ياد رکو! اهي سڀ دُنيا سان محبت جي نشاني آهي ته نماز ۾ به اسان ڪاروباري اُلجهنن جو شڪار ٿي عبادت جي حقيقي لذّت کان محروم رهون ٿا. حضرت سيدُنا عيسٰي رُوحُ‌الله عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو اِرشاد آهي: جهڙي نموني مريض کي کائڻ سان لذّت محسوس ناهي ٿيندي اهڙي طرح دنيادار کي عبادت سان لذّت محسوس ناهي ٿيندي ڇوته جيڪو دُنيا جي محبت سان لذّت محسوس ڪري ٿو اهو عبادت جي لذّت نٿو ماڻي سگهي. (احياء العلوم ،كتاب ذم الدنيا ، باب بيان صفة الدنيا ، ۲٦۴/۳)

هن جو علاج هي آهي ته پنهنجي دل مان دُنيا جي محبت ڪڍي ڇڏيو ۽ ڪفايت موجب رزقِ حلال ڪمائڻ سان گڏوگڏ نماز ۽ ٻي عبادتن جي عادت بڻايو. اسان جا بزرگ سڳورا واپار به ڪندا هئا ۽ انهن ۾ به وڏا ڪامياب واپاري گذريا آهن پر ڪمائڻ ۽ واپار دوران جڏهن انهن جي ڪنن ۾ اَذان جو آواز ايندو هو ته سمورا ڪم ڪار ڇڏي مسجد ڏانهن هلڻ لڳندا هئا ايستائين جو جيڪڏهن ڪو لوهار هٿوڙو ڪٽندو هو يا موچي جوتي ۾ سُوئي وجهندو ته

ان کي اتي ئي ڇڏي ڏيندو هو بلڪ ڪجهه بزرگانِ دين تہ نماز جي وقت ۾ اُجرت تي ٻارن ۽ اهلِ ڪتاب ذمين کي دُڪانن جي حفاظت تي مقرر ڪري پاڻ مسجد ۾ هليا ويندا هئا. (احياء العلوم ،كتاب آداب الكسب والمعاش، باب في شفقة التاجر علي دينه ـــالخ۲/۱۰۸ملخصاً)

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی
میں پڑھتا رہوں سنتیں، وقت ہی پر ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**(3) گهٽ کائڻ جي عادت بڻايو!**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت ۾ رُڪاوٽ ۽ سستي جو هڪ سبب پيٽ ڀري کائڻ بہ آهي ڇوتہ اِنسان جڏهن خوب پيٽ ڀري کائيندو آهي تہ ان جو بدن وزني ٿي ويندو آهي، اکين ۾ ننڊ ڀرجي ويندي ۽ عضوا سُست ٿي ويندا آهن، انسان ڪوشِش جي باوُجُود ڪو ڪم نٿو ڪري سگهي ۽ عبادت ۽ تلاوت ۾ سستي ٿي ويندي آهي .

هن جو علاج هي آهي تہ عبادت جي لذّت ماڻڻ جي لاءِ بک کان گهٽ کائڻ جي عادت (Habit) بڻايو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ عبادت ۾ سستي نہ ٿيندي ۽ ان سان عبادت جو ذوق بہ وڌندو- اَميرُ المُؤ مِنين حضرت سيدُناصِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْہُ جن هڪ ڀيري فرمايو: جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان ڪڏهن بہ پيٽ ڀري ناهي کاڌو، تہ جيئن عبادت جي حَلاوت (مٺاس) نصيب ٿئي ۽ جڏهن کان مان مسلمان ٿيو آهيان ديدارِالٰهي جا جام پيئڻ جي شوق ۾ ڪڏهن بہ پيٽ ڀري ناهي پيتو- (منهاج العابدين،الفصل الخامس ،البطن وحفظه، ص۸۴) حضرتِ سيدُناابوسُليمان

دَارانيرَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا، مان عبادت ۾ سڀ کان وڌيڪ مناس اُن وقت محسوس ڪندو آهيان جڏهن بک جي ڪري منهنجو پيٽ خالي هوندو آهي.
(منهاج العابدين،الفصل الخامس ،البطن وحفظه، ص۸۴)

بُھوک کی اور پیاس کی مولیٰ مجھے سوغات دے
یا اِلٰہی ! حَشْر میں دِیدار کی خیرات دے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (4) موبائل ۽ انٽرنيٽ جو درست استعمال ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت ۾ رُڪاوٽ ۽ دِل نہ لڳڻ جو هڪ سبب اِنٽر نيٽ ۽ موبائل فون بہ آهي انٽرنيٽ ۽ موبائل فون جو دُرست اِستعمال جتي بي شُمار فَائدن جي حُصول جو ذريعو آهي اتي ان جي غلط ۽ غير ضروري اِستعمال سان ڪيئي نُقصانن جو انديشو پڻ آهي جن مان هڪ تمام وڏو نقصان هي آهي تہ ٻانهو نماز روزي، قرآن ڪريم جي تلاوت ۽ نفلي عبادت کان غافل ٿي پنهنجو وقت بَرباد ڪري ٿو. اڄوڪي زماني ۾ اسان جو نوجوان نَسل سوشل ميڊيا جو اهڙو عادي بڻجي چڪو آهي جو گهڙي ڪن لاءِ بہ اِنٽرنيٽ ۽ موبائل فون کي نٽو ڇڏي ۽ وقفي وقفي سان پنهنجي سمهڻ جاڳڻ، شاپنگ ڪرڻ، سنو ڪائڻ پيئڻ، ڪنهن تقريب مثال طور شادي ۾ شرڪت ڪرڻ، پڪنڪ پوائنٽ (Picnic Point) تي وڃڻ، عجيب ۽ غريب حرڪتون ڪرڻ سيلفيون ڪيڻ ۽ ٻين مُعاملن کي سوشل ميڊيا تي پنهنجي دوستن ۾ شيئر ڪري وقت ۽ پيسو برباد ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ڪجهہ تہ موبائل ۽ اِنٽرنيٽ جا اهڙا دِيوانا آهن جو جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن اِستعمال نہ ڪري سگهن تہ انهن جو سڄو ڏينهن بي چيني ۽ اُداسي ۾ گذرند آهي. غور ڪريو تہ ڪڏهن

نماز ڇڏڻ تي بہ اسان بي چين ٿياسين؟ ڪنهن ڏينهن قرآنِ ڪريم جي تلاوت نہ ڪرڻ تي بہ اسان کي افسوس ٿيو؟ ڪڏهن اِشراق ۽ چاشت ۽ تهجد جا نفل نہ پڙهڻ تي بہ اسان غمگين ٿياسين؟

ان جو علاج هي آهي تہ ضرورت هجي تہ سادو موبائل فون رکو يا اِنٽرنيٽ استعمال ڪرڻ جي لاءِ موبائل رکڻو هجي تہ مزاحيہ ۽ بيهوده ويڊيوز ڏسڻ ۽ مُوسيقي ٻڌڻ جي بدران مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان تلاوت ونعت ۽ اميرِ اهلسنت، نگرانِ شوريٰ ۽ ٻين مُبلغن جا سُنّتن ڀريا بيان مدني مذاڪرا ۽ فرض علوم ڪورس وارا ميموري ڪارڊ، هديو ڏئي حاصل ڪريو، پاڻ بہ ڏيان سان ٻڌو ۽ پنهنجن عزيزن ۽ دوستن ۾ بہ عام ڪريو، ان جي برڪت سان معلومات جو ڪوڙ خزانو هٿ ايندو ۽ گناهن کان پري رهندي عبادت جو شوق پيدا ٿيندو. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

ہماری بگڑی ہوئی عادتیں نکل جائیں ملے گناہوں کے امراض سے شفا یارب
مجھے دے خود کو بھی اور ساری دنیاوالوں کو سدھارنے کی تڑپ اور حوصلہ یارب

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (5) عبادت جي فائدن کي پيشِ نظر رکو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت جو ذوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ رضاءِ الٰهي جي حصول سان گڏوگڏ ان جا دُنيوي ۽ اُخروي فائدن کي پيش نظر رکو ڇوتہ اهڙي طرح بہ عبادت جو شوق پيدا ٿيندو. جيئن والدِ اعليٰ حضرت، مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عبادت ڪرڻ جا دنياوي ۽ اخروي ڪيئي فائدا بيان ڪيا آهن،

اچو! انهن مان ڪجهه فائدا اسان به ٻڌون ٿا:

(1) جيڪو شخص عبادت ڪري ٿو اهو خدا جي عابد ٻانهن ۾ داخل ٿيندو آهي ۽ ربّ تعاليٰ عابدن جي مدح ۽ ساراهہ ڪري ٿو. (2) جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي، الله پاڪ ان سان محبت رکندو آهي (3) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي الله پاڪ) ان جا سڀ ڪم درست ڪري ٿو، (4) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي الله پاڪ) ان جي رزق جو ڪفيل هوندو آهي، (5) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي الله پاڪ) ان جي مدد ڪري ٿو ۽ دشمنن جي شر ۽ فساد کان محفوظ رکندو آهي، (6) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي الله پاڪ) ان جو مُونِس ٿي ويندو آهي ۽ وحشت ان جي دل کان پري ڪندو آهي، (7) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي الله پاڪ) مخلوق جي دل ۾ ان جي محبت پيدا ڪندو آهي جو ننڍا وڏا امير غريب چڱا بُرا ايستائين جو آسمان ۽ زمين جا چرند پرند ان سان محبت رکندا آهن. (8) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي) برڪتِ عام ان کي عنايت ٿيندي آهي ايستائين جو ماڻهو ان جي ڪپڙن ۽ گهر مان تبرڪ (حاصل) ڪندا آهن ۽ فائدو وٺندا آهن، (9) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي) الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ان کي اهڙي عزت حاصل ٿيندي آهي جو ماڻهو ان جي عزت ۽ برڪت کي پنهنجي حاجتن ۾ وسيلو ڪندا آهن ۽ ان جي تَوَسَّل ۽ شفاعت مان مُرادون ماڻيندا آهن، (10) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي) موت جي سختي کان محفوظ رهندو آهي، (11) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي) پروردگارِ عالَم ان کي ان وقت ايمان ۽ معرفت تي ثابت رکندو آهي ۽ شيطان جي وسوسي ۽ اغوا (ڌوڪي) کان بچائيندو آهي. (12) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي ملائڪ) ان کي قبر جي فتني کان امن ۾

رکندا آهن ۽ نڪيرين جي سوال جو جواب سڪاريندا آهن، (13) ان جي قبر کي روشن ۽ وسيع ڪندا آهن، (14) ان جي قبر ۾ بهشت جي پاسي دري کولي ڇڏيندا آهن. (15) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي اهو) قيامت جي پريشانين کان محفوظ رهندو، (16) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي ان جو) اعمال نامو ان جي ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو (17) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي ) حساب ان جو آساني سان ٿيندو يا ملائڪ ان کان بلڪل حساب نہ ڪندا، (18) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي ملائڪ ان کي) پاڻي حوضِ ڪوثر جو پيئاريندا ان جي پيئڻ کان بعد اڄ ان جي ويجهو ڪڏهن نہ ايندي. (19) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي اهو) پُلِ صراط تان آساني سان گذري ويندو، (20) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي ملائڪ) قيامت جي ڏينهن ان کي نور جي منبرن تي ويهاريندا ۽ عرش يا حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جهندي جي ڇانو ۾ جڳهه ڏيندا، (21) (جيڪو شخص عبادت ڪندو آهي ملائڪ ان کي) خدا جي ديدار سان مشرف ڪندا ۽ اها نعمت سيني نعمتن کان افضل ۽ سڀ ڪرامتن کان اڪمل آهي. (الكلام الاوضح ص ۳۲۸۔۳۲۹ملتقطاً)

عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یا خدا یا الٰہی
مسلماں ہے عطارؔ تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتِمہ یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (6) عبادت جو شوق پيدا ڪرڻ جا وڏيڪ طريقا!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عبادت جو شوق پيدا ڪرڻ جي لاءِ چڱي صحبت اپنايو چوته نيڪ ماڻهن کي عبادت ۽ تلاوت ۾ مشغول ڏسي اسان جي اندر به عبادت جو جذبو پيدا ٿيندو. ان جي علاوه نالي ۽ نمائش جي لاءِ نيڪيون ڪرڻ جي عادت کي ڪڍي ڇڏيو ڇاڪاڻ ته ان سان اسان جي آخرت جو ڪو فائدو نه ٿيندو ۽ صرف رضاءِ الٰهي جي لاءِ عبادت ڪريو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو دنيا ۾ به فائدو ٿيندو ۽ آخرت ۾ به ڪاميابي نصيب ٿيندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! 6رَجَبُ الْمُرَجَّب تي سلطانُ الهند حضرتِ سَيدنا خواجه غريب نوازرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو عُرس مُبارڪ ملهايو ويندوآهي، عاشقانِ صحابه و عاشقانِ غريب نواز جي لاءِ خوشخبري آهي ته هن سال کان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ تقريباً 2 ڪلاڪ "اِجتماعِ يومِ غريب نواز" جو سلسلو ٿيندو، جنهن ۾ باقاعده جدول جي مطابق (تلاوت، حمد، نعت و منقبت، سُنّتن ڀريو بيان، دُعا ۽ صلوٰة وسلام جي) ترڪيب ٿيندي. هڪ ٻي خوشخبري هي آهي ته هفتيوار مدني مذاڪري جي علاوه هن سال کان خصوصي اِهتمام سان رَجَبُ الْمُرَجَّب جا 6 مدني مذاڪرا به ٿيندا. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ، اچو! انهيءَ مُناسبت سان سندن سيرتِ مُبارڪ بابت مختصر تعارف ملاحظ ڪريو، جيئن ته

## نالو ۽ نسب ۽ مختصر تعارف

حضرت خواجه غريب نوازرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو نالو حَسَن چشتي اَجميري آهي، اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وِلادت 537ھ بمطابق1142 جو سِجِستان يا سِيستان جي علائقي سَنجر ۾ پاڪيزه ۽ علمي گهراڻي ۾ ٿي- (اقتباس الانوار، ص345 ، ملخصاً) اوهان رَحْمَةُ

اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مشهور لقبن ۾ مُعينُ الدّين، غريب نواز، سلطانُ الهنْد ۽ عطاءِ رسول شامل آهن- (معين الهند حضرت خواجه معين الدين اجميري، ص۲۰ ملخصاً) عِلم حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه شام، بغداد ۽ ڪرمان وغيره جو سفر بہ اِختيار ڪيو- زيارتِ حَرمين دُوران بارگاهِ رِسالت صَلَّي اللہ تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان اوهان کي هند جي وِلايت عطا ٿي ۽ اتي دِين جي خدمت ڪرڻ جو حڪم مليو- (سيرالاقطاب، ص142،ملخصاً) اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي اَخلاق، ڪردَار ۽ گُفتَار سان ان خطّي ۾ اسلام جو نعرو بلند ڪيو- لکين ماڻهو سندن نگاهه فيض سان متاثّر(Impressed) ٿي اِسلام جي نُور ۾ داخل ٿي ويا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اِصلاح ۽ تَبليغ جي ذريعي شاگردن ۽ خليفن جي اهڙي جماعت تيار ڪئي جنهن (پاڪ وهند) جي ڪندِ ڪندِ تائين خدمتِ دين جو عظيم فَرِيضو سَراَنجَام ڏنو- پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تحرير۽ تصنيف جي ذريعي بہ اِشاعتِ دين ۽ مخلوقِ خدا جي اِصلاح جو فريضو سراَنجام ڏنو- سندن تصنيفن ۾ اَنِيسُ الاَروَاح، ڪشفُ الاَسرَار، گَنجُ الاَسرَار ۽ ديوانِ مُعِين جو تذڪرو ملي ٿو- (معين الهند حضرت خواجه معين الدين اجميري ،ص۱۰۳تا ۱۰٦،ملتقطا) خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪم وبيش 45 سال سر زمينِ هند تي دينِ اسلام جي خدمت ۾ گذاريا- نيٺ عِلم و حڪمت ۽ نورِ هدايت جو اهو روشن چراغ 6 رجب627ھ تي اَجمير شريف (راجِستهان،هند) ۾هن فاني دُنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ اَجميرشريف ۾ ئي سندن مَزارِ پُر انوار بَرڪتون لُٽائي رهي آهي-

جو بھی سائل آجاتا ہے  من کی مرادیں پا جاتا ہے
میں نے بھی دامن ہے پسارا  یاخواجہ مری جھولی بھردو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلسِ تفتيشِ قراءت و مسائل

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ!عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي104 ڪان وڌيڪ شعبن ۾ دينِ جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، جن مان هڪ شعبو (Department) مجلسِ تفتيشِ قرات و مسائل" بہ آهي-جنهن جو ڪم ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت مختلف ديني خدمتون انجام ڏيڻ وارن اسلامي ڀائرن جي تفتيش ڪرڻ آهي- ان تفتيش جو طريقو ڪار هي آهي تہ سامهون يا انٽرنيٽ جي ذريعي امام سڳورن، مبلغن، مدرسن وغيره اسلامي ڀائرن جو قراءت ۽ شرعي مسئلن جي باري ۾ ٽيسٽ ورتو ويندو آهي- جنهن جو مقصد هي هوندو آهي تہ ان اسلامي ڀائرن جي اخلاقي قابليت جي علاوه ضروري ديني ۽ تعليمي صلاحيت جانچي وڃي تہ جيئن ديني خدمتن جي ادائيگي ۾ بهتر طريقي سان پنهنجا فرض سرانجام ڏئي سگهن- 2017 ۾ مختلف شعبن جا ڪم وبيش 15809 اسلامي ڀائرن جا ٽيسٽ ورتا ويا- جيڪي اسلامي ڀائر ان ٽيسٽ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهندا آهن انهن جي تربيت جو سلسلو بہ ٿيندو آهي-

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو!

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اللہ ڪريم اسان ڪي خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي صدقي اِخلاص سان عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيۓ جنهن مون

سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تری سنت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نفلي روزن جا مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄو! پنهنجي اعمال نامي ۾ اجروثواب وڌائڻ جي لاءِ نفلي روزن جون فضيلتون ۽ ڪجهه مدني گل ٻڌون ٿا. پهريان ٻه (2)فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظ فرمايو: (1) .”جنهن ثواب جي اميد رکندي هڪ نفلي روزو رکيو الله ڪريم ان کي دوزخ کان چاليهه سال (جو فاصلو) پري فرمائي ڇڏيندو“.۔(كنز العُمّال ج۸، ص۲۵۵، حديث۲۴۱۴۸) (2) جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڏينهن جو نفلي روزو رکيو ۽ سڄي زمين برابر سون به ان کي ڏنو وڃي، تڏهن به ان جو ثواب پورو نه ٿيندو، ان جو ثواب ته قيامت ئي جي ڏينهن ملندو.(ابو يعلي، ۵/۳۵۳، حديث۶۱۰۴) ☆ڪثرت سان نفل روزا رکڻ اسان جي پياري آقاصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سنت آهي۔ ☆ **حضرت سيّدُنا سليمان** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ٽي ڏينهن مهيني جي شروع ۾ ٽي ڏينهن وچ ۾ ۽ ٽي ڏينهن آخر ۾ روزا رکندا هئا ۽ اهڙي طرح مهيني جي شروع، وچ، ۽ آخر ۾ روزيدار رهندا هئا. (كنز العُمّال ۸/۳۰۴حديث۲۴۶۲۴) ☆ **ماءُ پيءُ** جيڪڏهن پٽ کي **نفل روزي** کان ان لاءِ منع ڪن جو بيماريءَ جو انديشو آهي ته ماءُ پيءُ جي اطاعت ڪري. (رَدُّالمُحتار ج۳ص۴۱۶) ☆ **مڙس** جي اجازت کان بغير گهرواري **نفلي** روزو نه ٿي رکي سگهي. (دُرِّ مختار،رَدُّالمُحتار ۳/۴۱۵)

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵

☆ نفلي روزو ڄاڻي واڻي شروع ڪرڻ سان پورو ڪرڻ واجب ٿي ويندو آهي جيڪڏهن ٽوڙيندو ته قضا واجب ٿيندي.(دُرِّمختار ج ۳، ص ۴۷۳) ☆ ملازم يا مزدور جيڪڏهن نفلي روزو رکن ۽ ڪم پورو نه ڪري سگهن ته "مستاجر" (يعني جنهن ملازمت يا مزدوري تي رکيو آهي ان) جي اجازت ضروري آهي ۽ جيڪڏهن ڪم پورو ڪري سگهن ٿا ته اجازت جي ضرورت ناهي ( ردالمحتار،۳/۴۷۸) ☆ طالبِ علمِ دين جيڪڏهن پنهنجي تعليم ۾ معمولي به حرج ڏسي ته هرگز نفل روزو نه رکي ته بلڪ اهو هفتيوار ڇٽي جي ڏينهن روزو رکي ۽ مدني قافلي جا مسافر ٿوري به ڪمزوري محسوس ڪن ته نفل روزو نه رکن ته جيئن حصولِ علمِ دين ۽ نيڪي جي دعوت جي افضل ترين ڪم ۾ ڪمزوري رُڪاوٽ نه بڻجي، ☆ ـ (دُرِمختار،۳/۴۷۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" ان ڪان علاوه شيخ طريقت، امير اهلسنت، جا به رسالا "101مدني گل" ۽ "163مدني گل" مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناھ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينهن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

---

1...القول البديع، الباب الاول، ص125

2... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)